
# سُورۃ مُلک

## (فضيلتون ۽ مضمون)

13 March 2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

13 مارچ 2026ع (بمطابق: 23 رمضان ڪريم 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سُورة مُلْڪ (فضيلتون ۽ مضمون)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ✿... ڇا مُردا ڳالهائي سگهن ٿا؟
- ✿... غرور انسان جي لائق ناهي
- ✿... فَلسَفِي جو غرور ڪيئن ٽٽو (واقعو)
- ✿... زندگي آزمائش جي لاءِ آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم:

اَكْثَرُكُمْ اَزْوَاجًا فِي الْجَنَّةِ اَكْثَرُكُمْ صَلَاةً عَلَيَّ

**ترجمو:** جنت ۾ سڀني کان وڌيڪ حُورُون ان شخص کي ملنديون جيڪو مون تي سڀني کان وڌيڪ درود پڙهڻ وارو هوندو.[1]

عاصيو جُرم کی دوا ہے درود
کیا دواعینِ کیمیا ہے درود
حشر کی تیر گی سیاہی میں
نور ہے، شمعِ پُرضیا ہے درود
چھوڑیو مت درود کو کافیؔ
راہِ جنّت کا رہنما ہے درود[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... افضل الصلوات للنبهانی، صفحہ:25۔

[2]...کافی کی نعت، صفحہ:39۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُورة سجده ۽ سُورة مُلڪ پڙهڻ جي فضيلت

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي پنهنجي دور جا تمام وڏا عالم، مفسر، محدث ۽ ڪامل ولي ٿي گذريا آهن. انهن پنهنجي ڪتاب **شرح الصدور** ۾ هي واقعو لکيو آهي تہ: حضرت اَبَان بن ابو عياش رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت مُوَرّق عجلي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي وفات ٿي تہ ان وقت مان سندن ويجهو ئي موجود هئس. جڏهن کين ڪفن ڏنو ويو تہ اسان ڏٺو تہ ◈ انهن جي مٿي مبارڪ مان هڪ نُورُ نڪتو ۽ ڇتِ (*Roof*) کي چيريندو مٿي هليو ويو ◈ پوءِ اهڙو ئي هڪ ٻيو نور سندن پيرن کان بلند ٿيو ◈ ۽ وري ٽيون پيرو هڪ اهڙو ئي نور سندن جسم جي وچ واري حصي مان نڪتو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو.

---

[1]... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

اِهو ايمان افروز منظر ڏسي اسان اجان حيران ئي ھئاسين تہ حضرت مُوَرِّق رَحمۃُاللہِعَلَیْہ پنھنجي مُنھَن تان ڪفن ھٽايو ۽ چيائون: ڇا توھان ماڻھن ڪجھہ ڏٺو آھي؟ اسان چيو: ھا! ھِن ھِن طرح 3 نور بلند ٿيندي ڏٺا آھن. پاڻ فرمايائون: اِھا سورۃ السجدۃ آھي جيڪا مان ھر روز رات جو پڙھندو ھئس ◈ ھن جي ابتدائي 14 آيتن جو نور منھنجي مٿي مان ◈ آخري 14 آيتن جو نور پيرن جي طرف کان ◈ ۽ آيتِ السجده جو نور منھنجي جسم جي وچ واري حصي مان بلند ٿيو آھي، اھا مبارڪ سورت منھنجي شفاعت ڪرڻ جي لاءِ آسمانن جي طرف وئي آھي ۽ سورۃ المُلك ھن وقت منھنجي حفاظت ڪري رھي آھي. ايترو چوڻ کان پوءِ پاڻ ٻيھر انتقال ڪري ويا.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ ايمان افروز ڳالھہ آھي، ٿورو تصور ڪريو! ان مرڻ واري جا ڪھڙا نہ مزا ھوندا، جنھن کي روح نڪرڻ سان ئي قرآني سورتن جو اھڙو فيضان نصيب ٿي وڃي.

ھونئن تہ مرڻ تمام مشڪل ڪم آھي،افسوس! ◈ اُھي روح نڪرڻ جون سختيون، تلوار جي ھزار وارَن کان وڌيڪ سخت تڪليف ◈ مٿان وري دنيا کي ڇڏڻ جو غم ◈ عزيزن، رشتيدارن ◈ آل ۽ اولاد کان جدائي جو صدمو ◈ ان سان گڏوگڏ قبر جي تنھائي، وحشت ۽ انڌيري کي مُنھُن ڏيڻ ◈ ھزارين قسم جون مشڪلاتون آھن، جن سان مرڻ واري کي روح نڪرڻ سان ئي مُنھُن ڏيڻو پوندو آھي.

مرڻو تہ اسان سيني کي آھي ئي، اللہ پاڪ خير ۽ عافيت وارو وقت آڻي،

[1] شرح الصدور، الباب الخامس عشر: من يحضر الميت ...الخ، صفحہ:

پاڻ کي اُن جاءِ تي رکي سوچيو! جڏهن اسان جو روح جانِ کان جدا ٿئي، ان وقت ٿي قرآني سورتون اسان جي مدد لاءِ پهچي وڃن، سڪرات جي سختين جو احساس ئي ٿيڻ نہ ڏين، حفاظتي دائرو ٺاهي اسان کي قبر جي عذاب کان بچائڻ ۾ لڳي وڃن، ڪا مقدس سورت الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اسان جي شفاعت ڪري رهي هجي، ڪا سورت عذاب جي فرشتن کان اسان کي بچائي رهي هجي، ڪا مبارڪ سورت اسان کي وحشت ۽ تنهائي کان بچائڻ جي لاءِ اسان جي دل وِندرائي رهي هجي...!! سُبْحٰنَ الله! مزي کي بہ مزو اچي ويندو.

ظاهر آهي اهڙيون فضيلتون ۽ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ اسان کي هن دنيا جي زندگي ۾ محنت ڪرڻي پوندي، اڄ اسان قرآن ڪريم کي سيني سان لڳائينداسين، ان جي تلاوت ڪرڻ جي عادت اختيار ڪنداسين، تڏهن ئي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اهڙين عنايتن جا حقدار ٿي سگهنداسين.

عبادت میں تلاوت میں ریاضت میں لگادے دل
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولا

## ڇا مُرده ڳالهائي سگهن ٿا...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مُوَرّق رَحمةُاللهِعَلَيْه جي وفات جو ايمان افروز واقعو اسان ٻڌو، ٿي سگهي ٿو تہ دل۾ وسوسو پيدا ٿئي تہ مرڻ وارو، مرڻ کان پوءِ ڀيهر اُٿي ڪيئن ڳالهائي سگهي ٿو...؟ هن وسوسي جو جواب بلڪل آسان آهي، الله پاڪ جي قدرت کان ڪهڙي شيءِ پري آهي...!! اُهو مالڪِ ڪريم چاهي تہ ڇا نہ ٿو ڪِري سگهي، بيشڪ هو هر شيءِ تي قادر آهي ۞ قرآن

ڪريم جي تلاوت ڪري ڏِسو! مُردن جي ٻيهر زنده ٿيڻ جا ڪيترائي واقعا قرآن ڪريم ۾ موجود آهن ◈ پهرين سيپاري ۾ **70** ماڻهن جي مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ جو واقعو موجود آهي ◈ ۽ پهرين ئي سيپاري ۾ هڪ شخص جو قتل ٿيڻ کان پوءِ زنده ٿي پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌائڻ جو واقعو آهي ◈ ٻئي سيپاري ۾ **70** هزار ماڻهن جو مري وري ٻيهر زنده ٿيڻ جو واقعو آهي ◈ ٽئين سيپاري ۾ حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جو **100** سالن تائين سُتل رهڻ ۽ پوءِ زنده ٿيڻ جو واقعو آهي ◈ **15** هين سِيپاري ۾ اصحابِ ڪَهف جو **300** سالن کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ جو مشهور واقعو آهي.

مطلب ته اِهي الله پاڪ جي قدرت جون نشانيون آهن، هُو چاهي ته پنهنجي قدرت جو اظهار اهڙي طرح به فرمائي ڇڏيندو آهي.

امام بخاري رَحمۃُاللہِعَلَیْہ کان به ڪيترائي سال اڳ جا بزرگ آهن: امام ابن ابي الدنيا. پاڻ تمام وڏا محدث هئا، سندن هڪ ڪتاب آهي: مَنْ عَاشَ بَعْدَ الْمَوْت (يعني مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ وارن جا واقعا) ان ۾ پاڻ ڪيترين ئي حديثون ۽ روايتون ان عنوان تي لکيون آهن ته ڪهڙا ڪهڙا بزرگ مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيا ۽ ماڻهن سان ڪلام ڪيائون. تنهنڪري اجايو وسوسن جو شڪار ٿيڻ بدران اسان کي گهرجي ته قدرت جون اهڙيون نشانيون ڏسي يا ٻڌي انهن مان سبق حاصل ڪريون.

## سُورة مُلک ۽ سُورة سجده جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سورة الملك ۽ سورة السجدة هي سورتون ايتريون وڏيون

ناهن. روزانو رات جو سمهڻ کان پهريان انهن ٻنهي سورتن جي تلاوت ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي. صحابيءِ رسول حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سورة السجدة ۽ سورة الملك جي تلاوت ڪرڻ کان سواءِ آرام نہ فرمائيندا هئا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ روزانو رات جو اهي ٻئي سورتون تلاوت ڪرڻ جي عادت ٺاهڻ گهرجي. ٻئي نہ ٿي سگهن تہ گهٽ ۾ گهٽ سورة الملك پڙهڻ جي تہ پڪي نيت ڪري وٺو!

## سُورة مُلک جو مختصر تعارف

سورة الملك 29 هين سيپاري جي پهرين سورت آهي، هن ۾ صرف 2 رڪوع ۽ 30 آيتون آهن، سورة الملك ◈ سورة مُنْجِيَه (يعني نجات ڏيارڻ واري سورت) ◈ سورة مَانِعَه (يعني عذاب کي روڪڻ واري سورت) ◈ سورة شافِعَه (يعني شفاعت ڪرڻ واري سورت) ◈ ۽ سورة مُجَادِلَه (يعني پنهنجي پڙهندڙ جي لاءِ جهيڙو ڪرڻ واري سورت) وغيره ان جا مختلف نالا آهن.[2]

## سُورة مُلک شفاعت ڪندي

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عنه کان روايت آهي، مڪي مدني، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قرآن ڪريم ۾ 30 آيتن جي هڪ سورت آهي، اها پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري جي شفاعت ڪندي ايستائين جو کيس بخشيو

[1] ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ما جاء فی فضل سورۃ الملک، صفحہ:672، حدیث:2892۔
[2] تفسیر صراط الجنان، پارہ:29، سورۂ ملک، جلد:10، صفحہ:233 ملتقطاً۔

ويندو. اُها سورت تَبَارَكَ الَّذِی بِيَدِهِ الْمُلْكُ آهي.[1]

## سُورة مُلک جهيڙو ڪندي

روايتن ۾ آهي: سورة الملك پنهنجي پڙهڻ واري جي طرفان جهيڙو ڪندي ايسيتائين جو کيس جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي.[2]

## قبر جي عذاب کان بچائڻ واري سُورت

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: جيڪو روزانو رات جو سورة الملك جي تلاوت ڪندو، جڏهن اُهو قبر ۾ ويندو ۽ عذاب جا فرشتا سندس پيرن جي طرف کان ايندا تہ سندس پير چوندا: توهان جي لاءِ هتان ڪو رستو نہ آهي، ڇوتہ هي (رات جو) سورة الملك پڙهندو هو. پوءِ اُهي فرشتا سندس پيٽ جي طرف کان ايندا تہ پيٽ چوندو: توهان لاءِ منهنجي طرف کان بہ ڪو رستو نہ آهي ڇو تہ هن منهنجي اندر سورة الملك ياد ڪري رکي هئي، پوءِ اُهي سندس مٿي جي طرف کان ايندا تہ مٿو چوندو: توهان جي لاءِ منهنجي طرف کان بہ ڪو رستو نہ آهي، ان ڪري تہ هي (رات جو) سورة الملك مون سان ئي پڙهندو هو. **تنهنڪري جيڪو ان کي رات جو پڙهندوآهي اهو تمام سٺو ۽ بهتر عمل ڪندو آهي.**[3]

## نجات ڏيارڻ واري سورت

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عنهما هڪ شخص کي فرمايو: ڇا مان توکي

---

[1] ابو داؤد، کتاب شهر رمضان،باب فی عدد الای، صفحہ:230، حديث:1400۔
[2] شعب الایمان، باب فی تعظیم القرآن، جلد:2، صفحہ:494، حديث:2508۔
[3] مستدرک، کتاب التفسیر، تفسیر سورة الملک، جلد:3، صفحہ:322، حديث:3892۔

هڪ اهڙي ڳالهہ جو تحفو نہ ڏيان جيڪو توکي خوش ڪري ڇڏي؟ اُن شخص وراڻيو: ڇو نہ. فرمايائون: تون پاڻ بہ سورة الملك جي تلاوت ڪندو ڪر ۽ پنهنجن گهر وارن کي، پنهنجي اولاد کي، گهر جي ٻارن ۽ پاڙيسرين کي بہ اِهو سيکار، ڇو تہ اِها نجات ڏيارڻ واري ۽ جهيڙو ڪرڻ واري آهي. يعني اها پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ سان جهيڙو ڪندي ۽ سندس لاءِ دوزخ جي عذاب کان نجات جو مطالبو ڪندي ۽ ان کي پڙهڻ وارو عذابِ قبر کان محفوظ رهندو.[1]

## سُورة مُلک شفاعت ڪئي

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ روايت ڪن ٿا تہ رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ شخص فوت ٿي ويو، ان کي صرف سورة الملك ئي ياد هئي، جڏهن کيس قبر ۾ لاٿو ويو ۽ عذاب جو فرشتو آيو تہ هيءَ سورت ان فرشتي جي اڳيان اچي وئي، فرشتي چيو: تون الله جي ڪتاب مان آهين ۽ مون کي توسان بي ادبي ڪرڻ هرگز پسند نہ آهي، مان تنهنجي لاءِ، هن مرڻ واري جي لاءِ ۽ پاڻ پنهنجي لاءِ ڪنهن نفعي يا نقصان جو مالڪ نہ آهيان، جيڪڏهن تون هِن شخص کي عذاب کان بچائڻ چاهين ٿي تہ مون سان گڏ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هلي، هن جي سفارش ڪر. پوءِ سورة الملك بارگاهِ الٰهي ۾ پهتي ۽ عرض ڪيائين: اي منهنجا رب! تنهنجي فلاڻي ٻانهي مون کي تنهنجي ڪتاب مان چوندي سِکيو ۽ منهنجي تلاوت ڪئي، ڇا تون ان کي باهہ ۾ ساڙيندين ۽ عذاب ڏيندين جڏهن تہ مان ان جي پيٽ ۾ آهيان؟ يا الله!

[1]

جيڪڏهن تنهنجو اِهو ئي ارادو آهي تہ مون کي پنهنجي ڪتاب مان مِٽائي ڇڏ. الله پاڪ فرمايو: مان توکي ناراض ٿيندو ڏسي رهيو آهيان. سورة الملك عرض ڪيو: ناراض ٿيڻ منهنجو حق آهي. الله پاڪ ارشاد فرمايو: وڃ مان هُن کي تنهنجي حوالي ڪيو ۽ هُن جي حق ۾ تنهنجي سفارش قبول ڪئي. پوءِ اُها واپس هلي وئي ۽ عذاب جو فرشتو خالي هٿين واپس موٽي ويو. پوءِ سورة الملك اُن ميت جي منهن تي پنهنجو منهن رکي چيو: ڪيڏو نہ سٺو آهي اِهو مُنهن جيڪو اڪثر منهنجي تلاوت ڪندو هو، ڪيڏو نہ سٺو آهي هِي سينو جنهن مون کي محفوظ ڪيو ۽ ڪيڏا نہ سٺا آهن هِي پيرَ جن جي سهاري مون کي تلاوت ڪيو ويندو هو. پوءِ اها قبر ۾ سندس دل وِندرائيندي رهندي آهي تہ جيئن کيس وحشت نہ ٿئي. حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اِها ڳالهہ بيان فرمائي تہ هر ننڍي وڏي، آزاد ۽ غلام ان سورت کي سکي ورتو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو مُنْجِيَه (نجات ڏيارڻ واري) رکيو.[1]

## سُورة مُلک پڙهڻ جي عادت بڻايو!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيڏيون پياريون پياريون روايتون آهن، ڪاش! اسان عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. الحمدلله! شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي نيڪ بڻجڻ لاءِ جيڪو **72 نيڪ اعمال** جو نسخو عطا فرمايو آهي، ان ۾ بہ سورة الملك جي تلاوت وارو نيڪ عمل شامل آهي، جيئن تہ نيڪ عمل نمبر **4** آهي: ڇا اڄ توهان رات جو

[1] تاريخ مدينہ دمشق ، جلد:6، صفحہ:46۔

سورۃ الملک پڙهي يا ٻڌي ورتي؟

توهان بہ نيت ڪري وٺو تہ اڄ کان ئي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن نيڪ عمل تي مضبوطي سان عمل ڪنداسين ۽ روزانو رات جو سورۃ الملک پڙهي يا ٻڌي ونداسين.

## سُورۃ مُلک جي مضمونن جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! سورۃ الملک ھُونئن تہ ھڪ مختصر سورت آھي، پر ھن جا مضمون تمام گھرا آھن، ان ۾ معلومات تمام اعليٰ موجود آھي، ھن مبارڪ سورت ۾ الله پاڪ جي قدرتن ڪي بيان ڪيو ويو آھي، آيت نمبر **3** ۽ **4** ۾ فرمايو ويو: اُھو ئي خدا آھي، جنھن ھڪٻئي جي مٿان **7** آسمان ناھيا، ڇا توھان کي ربِ رحمٰن جي تخليق ۾ ڪا گھٽتائي نظر اچي ٿي؟ پنھنجون نظرون مٿي ڪٽو...!! آسمان ڏانھن ڏسو...!! ھيڏو وڏو، وسيع ۽ ڪشادو آسمان جنھن سموري زمين کي گھيري رکيو آھي، بغير سَھاري جي بينل ايڏي وڏي ڇت...!! ڇا توھان کي ان ۾ ڪٿي بہ ڪا ٿوري رڪاوٽ، ڪو سوراخ نظر اچي ٿو؟ ٻيھر نظرون کڻو! ٻيھر ڏسو...!! بار بار ڏسو...!! چڱي طرح غور سان ڏسو...!! ھزار ڀيرا بہ ڏسندؤ تڏھن بہ توھان جي نظر نامراد ٿي واپس موٽي ايندي، آسمان ۾ ڪٿي بہ ڪو ننڍڙو سوراخ بہ نظر نہ ايندو. سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي زبردست تخليق آھي...!!

آيت: **19** ۾ فرمايو ويو: پنھنجي مٿان اڏامڻ وارن پکين کي ڏسو...!! اُھي ڪيئن ھوا ۾ پنھنجا پَرَ پکيڙي بينا ھوندا آھن، ڪرندا نہ آھن، انھن کي

زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪنهن روڪي رکيو آهي...؟ يقيناً اُهو ربِ رحمٰن ۽ رحيم ئي آهي.

آيت 23-24 ۾ فرمايو ويو: اُهو رب رحمٰن ۽ رحيم آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو، توهان جي لاءِ ڪَنَ، اکيون ۽ دل ناهي، اُهو ئي الله پاڪ آهي، هُن ئي توهان کي زمين ۾ پکيڙي ڇڏيو، پوءِ اُن جي ئي طرف توهان موٽايا ويندؤ.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هنن مضمونن تي بار بار غور ڪريو! واقعي منهنجي رب ڪريم جو ڪيڏو نہ عظيم شان آهي...!! ڪهڙيون ڪهڙيون اعليٰ تخليقون آهن، انهن کي ڏسي، انهن ۾ غور ڪري ايمان وارن جون دليون پڪاري چونديون آهن:

| | |
|---|---|
| تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ٘ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرُ ﴿۱﴾ (پارو: 29، سورة مُلک: 1) | ترجموڪنز العرفان: وڏي برڪت وارو آهي، اُهو جنهن جي قبضي ۾ سڄي بادشاهي آهي ۽ اُهو هر شيءِ تي خوب قادر آهي. |

## سُورة مُلک جا 2 مکيم مضمون

پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ سورة الملك ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سنا سنا مضمون موجود آهن، پر! سڀ کان اهم مضمون جن کي هن سورت جا مکيہ مضمون قرار ڏئي سگهجي ٿو، اهي 2 آهن:

## (1): مُلڪ، قدرت، اختيار سڀ الله جو آهي

پهريون اهم مکيہ مضمون اُهو آهي جيڪو هن سورت جي بلڪل شروعاتي جملي ۾ ارشاد ٿيو:

تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ٘ (پارو: 29، سورة مُلک: 1)

ترجموڪنز العرفان: وڏي برڪت وارو آهي، اُهو جنهن جي قبضي ۾ سڄي بادشاهي آهي.

يعني ملڪ، قدرت، اختيار سڀ جو سڀ الله پاڪ جو آهي. اُهو ئي هن شان جو مالڪ آهي جنهن جي مرضي هن ڪائنات ۾ نافذ آهي. هڪ شاعر چيو هو:

کسی کو سوچوں نے کب سراہا، وہی ہُوا جو خُدا نے چاہا

جو سب کے ماتھے پہ مہر قدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

## غُرور انسان جي لاءِ نہ آهي

اسان انسانن جي هڪ ڪمزوري آهي، اسان کي ٿوري طاقت، قوت، اختيار ملي وڃي تہ اسان خوامخواه غرور ۽ تڪبر جو شڪار ٿي ويندا آهيون ◈ فرعون کي ڏسو! ڪيس تاج ۽ تخت مليو تہ پاڻ کي خدا چورائڻ لڳو ◈ نمرود بدبخت کي اختيار مليو تہ خدائي جي دعويٰ ڪري وينو ◈ اهڙا ئي بيا بہ ڪيترائي گذريا آهن، اڄ بہ ڪيترائي اهڙا هوندا، جيڪي خوامخواه غرور ۽ تڪبر ۾ مبتلا رهندا آهن. مولانا روم رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ لکيو آهي:

نَفْسِ کَسْ رَا فِرْعَوْن نَیْسْتُ　　لَیْک اُو رَا عَوْن کَسْ رَا عَوْن نَیْستُ

**مفهوم:** يعني ڪير آهي جنهن جو نفسِ اماره فرعون نہ آهي، ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان فرعون کي تاج و تخت ۽ حڪومت ملي وئي هئي، ۽ اسان کي اِهي شيون ميسر نہ آهن. جيڪڏهن ميسر ٿي وڃن تہ عام ماڻهو بہ فرعون بڻجڻ ۾ دير نہ لڳائيندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي، اسان انسان تمام جلد آپي کان ٻاهر نڪري ويندا آهيون، جيڪڏهن اسان پاڻ تي غور ڪريون تہ معلوم ٿيندو تہ اسان تہ تمام بيوَس، عاجز ۽ ناقص مخلوق آهيون. ڪيترن ئي قسمن جون حد بنديون آهن جن ۾ اسان قاتل آهيون، چاهيندي بہ اسان انهن مان نڪري نہ ٿا سگهون. مثال طور ◈ هيٺ زمين، مٿي آسمان، اِها هڪ حد آهي، اسان ان جي اندر قاتل آهيون. اِن دائري کان ٻاهر اسان نہ ٿا نڪري سگهون. سورة الرحمٰن ۾ ارشاد ٿيو:

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ (پارو: 27، سورة رحمٰن: 33)

**ترجمو ڪنز العرفان:** اي جنن ۽ انسانن جا ٽولؤ! جيڪڏهن توهان کان ٿي سگهي تہ آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان نڪري سگهو تہ نڪري وڃو.

غور ڪريو! ڇا اسان هن دائري کان ٻاهر نڪري سگهون ٿا؟ نہ ٿا نڪري سگهون ◈ اهڙي طرح اسان وقت جي اندر قيد آهيون، مستقبل ۾ اسان جهاتي نہ ٿا پائي سگهون، ماضيءَ جي طرف واپس نہ ٿا وڃي سگهون، بس اِهو ئي موجوده هڪ لمحو آهي، جيڪو اسان وٽ آهي، بس انهن ئي چند

سيڪنڊن تي اسان کي اختيار آهي. اسان ٿائيم ليس (يعني وقت جي قيد کان آزاد) به نه ٿا ٿي سگهون. ائين به نه ٿا ڪري سگهون ته اسان جي مٿان وقت جو گذر ئي نه ٿئي. اسان ڪيترا بيوَس آهيون جو...! پنهنجي ئي زندگيءَ ۾، پنهنجن ئي ساهن تي، پنهنجو اختيار نه ٿا رکون.

سورة الملك ۾ اسان کي بار بار انهي ڳالهه تي جِهنجهوڙِيو ويو آهي، اسان جي اِها ئي بيوَسي اسان کي بار بار ياد ڏياري وئي آهي. سورة الملك جي بلڪل آخري آيت ڏسو!

| | |
|---|---|
| قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَصۡبَحَ مَآؤُكُمۡ غَوۡرًا فَمَنۡ يَّاۡتِيۡكُمۡ بِمَآءٍ مَّعِيۡنٍ ﴿۳۰﴾<br>(سيپارو: 29، سورة مُلک: 30) | **ترجموڪنزالعرفان:** اوهان فرمايو: ڀلا ڏسو ته جيڪڏهن صبح جو توهان جو پاڻي زمين ۾ لهي وڃي ته اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي نگاهن جي اڳيان وهندڙ پاڻي آڻي ڏي؟ |

غور ڪيو! پيارا اسلامي ڀائرو! پوري تسلي سان غور ڪريو! اسان ڪيترا مجبور ۽ بيوَس آهيون، اسان جي زمين جو پاڻي جيڪڏهن خشڪ ٿي وڃي ته ڇا اسان ان لائق آهيون ته ڪٿان پاڻي جو بندوبست ڪري سگهون...؟ بلڪل به نه آهيون.

## فلاسافر جو غرور ڪيئن ٽُٽو...؟

مولانا روم رَحمةُاللهِعَلَيه مثنوي شريف ۾ لکن ٿا: هڪ ڀيري هڪ فلاسافر ڪٿان گذري رهيو هو ته سندس ڪنن ۾ تلاوتِ قرآن جو آواز آيو، ڪو شخص

سورة الملك جي تلاوت ڪري رهيو هو، جڏهن اُن سورة الملك جي آخري آيت تلاوت ڪئي، جنهن ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿۳۰﴾

(پارو: 29، سورۂ مُلک: 30)

ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: ڀلا ڏسو تہ جيڪڏهن صبح جو توهان جو پاڻي زمين ۾ لهي وڃي تہ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي نگاهن جي اڳيان وهندڙ پاڻي آڻي ڏي؟

اِها آيتِ ڪريم ٻڌي ان فلسفي تڪبر ۽ غرور وِچان چيو: اِها ڪهڙي مشڪل ڳالهہ آهي، جيڪڏهن الله پاڪ پاڻيءَ کي زمين ۾ دَٻائي ڇڏي تہ اسان سائنس جي زورَ تي مختلف مشينن جي ذريعي پاڻي ٻيهر ڪڍي وٺنداسين. هن ڪافر ۽ منڪر فلسفي اِها ڳالهہ چئي ۽ پنهنجي رستي ڏانهن هليو ويو، رات جو جڏهن هُو ستو تہ خواب ۾ ڏٺائين تہ هڪ تمام طاقتور شخص آيو، جنهن اُن فلاسافر جي منهن تي زور سان چماٽ وهائي ڪڍي، جنهن ڪري سندس ٻئي اکيون نڪري آيون ۽ سندس اکين ۾ جيڪو نور جو هڪ هڪ قطرو پاڻي هو اهو زمين تي ڪري خشڪ ٿي ويو.

خواب ۾ اچڻ واري شخص کيس خواب ۾ ئي چيو: اي بدنصيب! جيڪڏهن تون واقعي ڪوڏر، بيلچي ۽ ٻين سائنسي اوزارن جي ذريعي، الله پاڪ جي مدد کان سواءِ زمين مان پاڻي ڪڍي سگهين ٿو تہ پنهنجين اکين مان نڪرڻ وارن هنن ٻن قطرن کي زمين مان ڪڍي ڏيکار؟

صبح جو جڏهن فلاسافر صاحب اٿيو تہ سندس اکيون ڦوڙيل هيون، کيس

ڪجھ بہ نظر نہ پئي آيو، سندس غرور ۽ تڪبر جو سمورو نشو بہ لهي چڪو هو ۽ الله الله پڪاري رهيو هو.[1]

کسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے

جو سب کے ماتھے پہ مہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ ڪريو! اسان ڪيڏي عاجز مخلوق آهيون. سورة الملك اسان کي جهنجهوڙي رهي آهي تہ اي انسان...!! تورو پنهنجي اوقات ڏس ...!! پنهنجي بيوَسيءَ تي غور ڪر! پنهنجي انا، غرور ۽ تڪبر مان ٻاهر نِڪر ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزي سان سِرُ جهڪائي ڇڏ ...!! پنهنجي انهيءَ ئي بيوَسيءَ کي سامهون رکي سورة الملك جي آيت نمبر **16** ۽ **17** ٻڌو، الله پاڪ فرمائي ٿو:

ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿۱۶﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿۱۷﴾

(پارو: 29، سورة مُلک: 16 = 17)

ترجمو ڪنز العرفان: ڇا توهان ان (الله) کان بي خوف ٿي ويؤ، جنهن جي سلطنت آسمان ۾ آهي ان ڳالهہ ۾ تہ جو اُهو توهان کي زمين ۾ دٻائي ڇڏي پوءِ اُها زمين اوچتو ڏڪڻ لڳي. يا توهان ان کان بي خوف ٿي ويؤ جنهن جي بادشاهي آسمان ۾ آهي ان

[1] مثنوی معنوی، دفتر دوم، انکار فلسفی بر ...الخ، صفحہ:196-197 مفصلاً۔

ڳالهہ ۾ جو اُهو توهان تي پٿر وَسائي
پوءِ توهان جلد ڄاڻي وٺندؤ تہ منهنجو
ڊيڄارڻ ڪيئن هو.

الله الله! پيارا اسلامي ڀائرو! سوچيو! ٿڌيءَ دل سان، تنهائي ۾ ويهي غور ڪريو! اسان جيڪي عاجز آهيون، اسان جيڪي نڪما آهيون، اسان جيڪي بيوس آهيون، اسان جيڪي پنهنجن ساهن تي بہ پنهنجو اختيار نہ ٿا رکون، جيڪڏهن واقعي اسان ڪي زمين ۾ دٻايو وڃي، اسان تي آسمان کان پٿر وسايا وڃن تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ جڏهن اسان اهڙن عذابن کي نہ روڪي سگهون ٿا ۽ نہ ئي انهن جو مقابلو ڪري سگهون ٿا تہ پوءِ هيءَ سرڪشي ڇا جي لاءِ ...؟ پوءِ هي انا، هي غرور، هي تڪبر، هن نافرماني جو ڪهڙو مطلب...؟ اسان الله پاڪ جي اڳيان سِرُ ڇو نہ ٿا جهڪايون؟ ڇو هن جا عاجز ٻانها نہ ٿا بڻجون؟

## تڪبر جو نشو لهي ويو

هڪ تمام ظالم حڪمران ٿي گذريو آهي: **حجاج بن يوسف**. اُن جي فوج جو هڪ سپهہ سالار هو، جنهن جو نالو هو: **مُهلِب**. هڪ ڏينهن **مُهلِب** ريشمي ڪپڙا پائي، آڪڙ وچان تڪبر سان هلي رهيو هو، حضرت مطرف بن عبدالله رَحمةُاللهِعَلَيْه هن کي اهڙي تڪبر واري انداز ۾ هلندي ڏٺو تہ سندن دل ۾ نيڪي جي دعوت جو جذبو بيدار ٿيو، تنهنڪري پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيْه **مُهلِب** جي ويجهو آيا ۽ کيس فرمايائون: اي الله جا ٻانها! هلڻ جو اِهو انداز الله پاڪ جي ناپسنديده ماڻهن ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن جو آهي.

**مُهلِب** جيئن تہ فوج جو سپھہ سالار ھو، عھدي ۽ منصب جو نشو سندس متي تي جادو وانگر سوار ھو، جڏھن ھن ڏٺو تہ ھڪ شخص ڪيس نصيحت ڪري رھيو آھي تہ ڪاوڙ ۾ اڪيون ڏيڪاريندي چيائين: خبر اٿئي مان ڪير آھيان؟ حضرت مطرف بن عبدالله رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ بہ ماشَآءَاللّٰہُ الْکَرِیْم! زندھ دل ھئا، پاڻ نرمي سان ارشاد فرمايائون: ھا! چاڻان ٿو تہ تون ڪير آھين؛ اَوَّلُكَ نُطْفَةٌ مَذِرَةٌ تون شروع ۾ ھڪ ناپاڪ نطفو ھئين، وَ آخِرُكَ جِيْفَةٌ قَذِرَةٌ ۽ آخر ۾ تون ھڪ گندو مردار ٿي ويندين وَاَنْتَ بَيْنَ ذَالِكَ تَحْمِلُ الْعَذِرَةَ ۽ انھن ٻنھي حالتن جي وچ ۾ تون پنھنجي پيٽ ۾ گندگي کڻي ھلي رھيو آھين. اِھي لفظ ٻڌي **مُهلِب** جو ھوش ٺڪاڻي تي اچي ويو، ھن تڪبر واري چال ڇڏي ڏني ۽ اڳتي روانو ٿي ويو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي غور جو مقام آھي، اسان حقيقت ۾ تمام عاجز مخلوق آھيون، ڀلائي ان ۾ آھي تہ اسان الله پاڪ جي اڳيان عاجزي ۽ انڪساري جو مظاھرو ڪريون ۽ سندس رضا جي اڳيان پنھنجو ڪنڌ ھميشہ جھڪائي رکون.

اُچے بول نہ بول ظہوری حق دے بندے کہہ گئے نیں

نیویں پا کے ٹُر دیاں رہنا چنگا لگدا اے[2]

**وضاحت:** اي ظھوري! الله پاڪ جا نيڪ ٻانھا چئي ويا آھن تہ ڪڏھن بہ وڏائيءَ وارا ٻولَ نہ ڳالھايو ! بس عاجزي سان سِرُ جھڪائي زندگي گذارڻ،

[1] الباب فی علوم الکتاب، پارہ:29،سورۂ معارج، زیر آیت:39، جلد:19، صفحہ:375 خلاصۃً۔
[2] کلیات ظہوری، صفتاں سوہنے رسول دیاں، صفحہ:47۔

تمام سنو لڳندو آهي.

## (2) زندگي آزمائش جي لاءِ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اهو ثابت ٿي ويو تہ سمورو اختيار الله پاڪ جو آهي، تہ هتي هڪ عام سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا اسان صرف مجبور آهيون ...؟ سورة الملك جي ٻئي مڪيہ مضمون مان اسان کي ان ئي سوال جو جواب ملي ٿو، هن مبارڪ سورت جي آيت نمبر **2** ۾ ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًاؕ وَ هُوَ الْعَزِیْزُ الْغَفُوْرُۙ﴿۲﴾ (پارو: 29، سورة مُلک: 2) | **ترجموڪنزالعرفان:** (الله اُهو آهي) جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ڪري تہ توهان ۾ ڪير وڌيڪ سٺا عمل ڪرڻ وارو آهي ۽ اُهو ئي وڏي عزت وارو، گهڻو بخشڻ وارو آهي. |

حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عنه کان روايت آهي: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سورة الملك جي تلاوت فرمائي، جڏهن هن آيتِ ڪريمہ تي پهتا تہ فرمايائون: اِها جاچ ڪئي ويندي تہ ڪير الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان وڌيڪ بچڻ وارو آهي ۽ ڪير الله پاڪ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ وڌيڪ جلدي ڪرڻ وارو آهي. (1)

معلوم ٿيو تہ اسان مڪمل مجبور نہ آهيون بلڪ اسان کي پنهنجي

[1]...تفسير قرطبی، پاره:29، سورۂ ملک، زیرِ آیت:2، جلد:9، صفحہ:135۔

موجوده لمحي تي اختيار ڏنو ويو آهي، اسان پنهنجي موجوده لمحي ۾ نيڪي ڪندا آهيون يا گناهه ڪندا آهيون؟ نماز پڙهندا آهيون يا معاذ الله شراب پيئڻ پسند ڪندا آهيون ◈ تلاوت ڪندا آهيون يا غيبت ۽ چغلي جو انتخاب ڪندا آهيون ◈ سچ ڳالهائيندا آهيون يا ڪوڙ ڳالهايون ٿا ◈ ٻين کي تڪليف پهچايون ٿا يا ساڻن ڀلائيءَ جو رويو اختيار ڪريون ٿا؟ اِهو اسان کي اختيار ڏنو ويو آهي ۽ ان ۾ ئي آزمائش آهي، اسان جهڙي عمل جو انتخاب ڪنداسين، اهڙو ئي نتيجو حاصل ڪنداسين، گناهه جي راهه اختيار ڪنداسين ته سزا جا حقدار ٿينداسين، نيڪي جو رستو اختيار ڪنداسين ته جزا جا حقدار ٿي وينداسين.

## هر ساهُ گِروِي رکيل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپارو: **29**، سورت المدثر جي آيت نمبر **38** ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ۟ۙ ﴿۳۸﴾

(پارو: 29، سورة المدثر: 38)

ترجمو ڪنزالعرفان: هر ساهُ پنهنجي ڪيل عملن ۾ گروي رکيل آهي. پر ساڄي طرف وارا.

مطلب هي آهي ته الله پاڪ اسان کي زندگي بخشي، جسم ڏنو، هٿ پير ڏنا، اک، ڪن، نڪ، عقل ۽ سمجهه عطا فرمائي، پوءِ اسان تي احڪام لازم فرمايا، ڪجهه شيون اسان تي فرض آهن، ڪجهه اسان تي الله پاڪ جا واجبات آهن، هاڻي انهن فرائض ۽ واجبات جي بدلي اسان جي جانِ گروي رکيل آهي، جيڪڏهن اسان اُهي فرضَ ۽ واجبَ ادا ڪنداسين ته اسان پنهنجي جان جهنم

ڪان آزاد ڪرائي وٺنداسين، جيڪڏهن اسان انهن ۾ ڪوتاهي ڪنداسين ته پاڻ کي جهنم جو حقدار بڻائينداسين.

| | |
|---|---|
| بونے والے جو بوئیں وہ کاٹیں | یہ ہوا تو مرِ مِٹا یاربّ! |
| آہ جو بو چکا ہوں وقت دِرَوْ (کٹائی کے وقت) | ہو گا حسرت کا سامنا یاربّ! |
| مجھے دونوں جہاں کے غم سے بچا | شاد رکھ شاد دائما یاربّ! (1) |

الله پاڪ اسان کي هن آزمائش ۾ ڪاميابي نصيب فرمائي. آخر ۾ قرآن ڪريم جي هڪ سبق آموز آيتِ ڪريمه پڙهو! الله پاڪ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِسْتَجِیْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ یَّاْتِیَ یَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ یَّوْمَىٕذٍ وَّ مَا لَكُمْ مِّنْ نَّكِیْرٍ ﴿۴۷﴾ (پارو: 25، سورة شوريٰ: 47) | ترجموڪنزالعرفان: ان ڏينهن جي اچڻ کان پهريان پنهنجي رب جو حڪم مڃي وٺو جيڪو الله جي طرف کان ٽرڻ وارو ناهي. ان ڏينهن توهان جي لاءِ ڪا پناهه نه هوندي ۽ نه توهان جي لاءِ انڪار ڪرڻ ممڪن هوندو. |

الله پاڪ اسان کي حڪم مڃڻ وارو، نيڪيون ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي رب ڪريم جو پسنديده ٻانهو بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

[1]...ذوقِ نعت، صفحه:86.

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف:
## ايف جي آر ايف (FGRF)

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي عاشقان رسول جي ديني ۽ فلاحي تنظيم آهي. هن تنظيم جي ذريعي وڏي پيماني تي دين اسلام جي خدمت سان گڏوگڏ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمت جي خيرخواهي بہ ڪئي ويندي آهي.

هن مقصد جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو شعبو: **فيضان گلوبل ريليف فائونڊيشن (FGRF)** ناهيو ويو آهي. هي شعبو ◈ مسلمانن جي خيرخواهي ◈ يتيمن جي ڪفالت ◈ اوچتو اچڻ وارين آفتن ۾ مسلمانن جي امداد ◈ وڻ پوکڻ ◈ رت جو عطيو ◈ گهرن جي تعمير ◈ راشن ◈ طبي امداد ◈ ۽ ان کان علاوه مختلف سطحن تي پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

هن شعبي جي ذريعي هن وقت تائين تقريباً ◈ **86 هزار** رت جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ◈ **95 لک 17 هزار** کان وڌيڪ ماڻهن جي مالي امداد ◈ ۽ هيلٿ ڪيئر سينٽر جي ذريعي تقريباً **92 هزار** کان وڌيڪ ماڻهن جي طبي امداد ڪئي وئي آهي ◈ جڏهن تہ تقريباً **35 لک** وڻن جي شجرڪاري بہ ڪئي وئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مَعْرِفَةُ الْقُرآن موبائل ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن مَعْرِفَةُ الْقُرآن جي نالي سان جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ◈ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ بامحاوره ترجمو پڙهي سگهو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان بہ ڏنا ويا آهن، جن جي مدد سان پنهنجي موضوع مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ تلاش ڪري سگهجن ٿيون. خاص طور تي مبلغ اسلامي ڀائر هن آپشن مان تمام گهڻي مدد حاصل ڪري سگهن ٿا ◈ ايپلي ڪيشن ۾ سرچ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان آيتون تلاش ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي ◈ موضوعن کي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي. توهان هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت **80** کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ◈ اَلحمدُ لله! **1500** کان وڌيڪ **جامعات المدينہ** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار 900** **مدارس المدينہ** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. ◈جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلباء جو مجموعي تعداد تقريباً **5 لک 69 هزار** آهي. ◈فيضان اسلامڪ

اسڪول، دارالمدينہ (اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي) جو تعداد **299** آهي، جڏهن تہ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد **54 هزار** ڪان وڌيڪ آهي. ◈ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن جي ذريعي بہ دين جي خدمت جو سلسلو جاري آهي ◈ پرنٽ ميڊيا ۾ (ڪيترين ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضان مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي **7** وڏين زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي) ◈ سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب (*Youtube*)، فيسبڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي مجموعي طور **ڪروڙ فالوورز** (*Followers*) آهن جڏهن تہ مجموعي طور ويوز جو تعداد اربن (*Billions*) ۾ آهي

**توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان ۾ خاص طور تي امير اهلسنت مولانا

محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪرن جي ذريعي سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقان رسول انهن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفہءِ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **امير اهل سنت جو نَنڍپڻ** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين کي بہ شيئر **(Share)** ڪريو! ◈ مسلمانن جي چوٿين خليفي علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي ذات ڪنهن تعريف جي محتاج نہ آهي، پاڻ ولين جا سردار آهن، سندن ڪرامتون بيشمار آهن جن کي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ سان ايمان تازو ٿيندو آهي ۽ دلين ۾ محبتِ اهلِ بيت جي شمع روشن ٿيندي آهي! مڪتبة المدينہ سندن ڪرامتن تي مشتمل هڪ نهايت ئي خوبصورت ۽ ايمان افروز رسالو **ڪراماتِ شيرِ خدا** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **35 روپين** ۾ خريد فرمائي ان جو مطالعو ڪريو. ◈ماهِ رمضان کي نيڪين ۾ گذارڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان **جنتي اعمال ڪارڊ 5 روپين** ۾ حاصل ڪريو، ان کان علاوه جنتي اعمال موبائل ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري بہ جائزو وٺي سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي. (مصنف ابْنِ اَبِی شیبہ، کتاب: الایمان، جلد:7صفحہ:223) (2):جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. (بخاری، کتاب:جِزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179)

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي. ◈ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ ◈ وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا. ◈اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اچهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو ته اهو ڏسي حيران رهجي ويو ته رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

اتي ئي بينا آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڏڙڪا ڪونہ ڏنا، ڪاوڙ نہ ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. (اَبُو داؤد، ڪتاب: ادب، باب: وعده، صفحہ:781، حديث:4996) الله پاڪ اسان کي بہ سُنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد